# دريءَ مان - شري نامديو تاراچنداڻي

**ڪجهه غيرضروري پومڪا جهڙو :**

منهنجي فليٽ جي چئني طرفن کان دريون آهن. صبح-شام ٿڌي هوا جي هير اُپرندڙ-لهندڙ سج جا نظارا، رونق ڏسڻ لاءِ مان جڏهن به ڪنهن دريءَ مان ٻاهر نهاريندو آهيان، اڪثر سامهون وارن فليٽن جي درين تي پڙدا لڳل هوندا آهن ته وري ڪن بالڪنين ۾ حسين، خوبصورت سڊول عورتون-نازنينون بيٺل نظر اينديون آهن. سونهن ماڻڻ اِنساني فطرت آهي اُها قدرتي هجي يا ڪنهن سهڻيءَ ناريءَ جي، سونهن ڏسندي ماڻيندي تن-من ۾ سڪون حاصل ٿيندو آهي ته وقتي جذبات به پڙڪي اُٿندي آهي.

پر اڄ منهنجي دريءَ مان مونکي ڪا ناز نخري واري ڪرموڙيندڙ موهڻي صورت نه پر ننڍي قد وارو، نماڻو نهڻو، ذهني، سنجيده، هڏ ڏوکي، گهرو اپياسو، گهٽ ڳالهائو، شانت چت وارو ادب جي هڪ قداور شخصيت نظر اچي رهيو آهي. اِها شخصيت نه صرف مونکي پر ادبي حلقي جي هر شخص کي دماغي سڪون ڏيندڙ آهي. اِهو نڊر انسان آهي شري نامديو تاراچنداڻي.

دريءَ مان يعنيٰ منهنجي نظر ۾ شري نامديو تار اچنداڻي جڏهن نظر جي ڳالهه ٿي ڪجي ته منهنجي نظر ويجهي چاهي پرين ٻئي گهٽ آهن. عمر سارو موتئو به اچي پيو. سپاويڪ ڪجهه ڏنڌلو-ڏنڌلو به نظر اچي ٿو. ڪجهه به هجي پر شري نامديو اڄ منهنجين نظرن ۾ آهي هن جا ڪجهه عڪس منهنجي نظر ۾ هن ريت آهن.

**وشيه داخلا :**

مان شري تاراچنداڻيءَ کي ستر واري ڏهاڪي کان وٺي سڃاڻان. پهرين صرف سڃاڻپ هئي هاڻي گهرائپ آهي. تن ڏينهن ۾ مان گجرات سنڌي چيمبر آف ڪامرس ائنڊ انڊسٽري هاڻي آل اِنڊيا سنڌي چيمبر ۾ آفيس



سيڪريٽريءَ طور فرض پاليندو هوس. اُن جي ميمبرشپ ۾ سنڌي واپارين، ڪارخانيدارن، پيشي وارن جي مشڪلاتن، مسئلن لاءِ اڪثر گجرات جي جدا جدا شهرن ۾ روبرو وڃڻ ٿيندو هو. پاونگر ۾ چيمبر جا جهجها ميمبر هئا اُنهن ۾ سنتو هوزري ورڪس جيڪا شري نامديو جن جي هئي پڻ شامل هئي. اُتي اڪثر نامديو سان ملاقات، ڳالهائڻ-ٻولهائڻ ٿيندو هو. اُهو وهنواري ڳالهين تائين محدود هو. نامديو خود ڪاليج ۾ پاڙهيندو هو ۽ ٻئگ کڻي احمدآباد آڊر پڻ وٺڻ ايندو هو. احمدآباد ۾ جيڪي ننڍيون-وڏيون ادبي گڏجاڻيون ٿينديون هيون، هو اُن ۾ شرڪت ڪري ٻئگ کڻي ترت پنهنجي ڪم کي لڳي ويندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ گانڌيڌام-آديپور ۾ ليڪ منچ جي ادبي ٻئنڪ رکيل هئي. جنهن ۾ پروفيسر هريش واسواڻي، پريم پرڪاش، واسديو موهي، برج موهن، نندلال راماڻي، نامديو وغيره سان گڏ مان به شامل ٿيو هئس. اُتي نامديو کي ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ مکا ميلو ڪرڻ جو موقعو مليو. ڪجهه گهر ائپ قائم ٿي. هن جون جدا جدا مخزن ۾ شايع ٿيل رچنائن کي پڙهڻ جو موقعو مليو. جدا جدا ادبي گڏجاڻين ۾ اڪثر ملڻ ٿيندو هو/ٿيندو آهي ۽ اڄ هو منهنجي دريءَ سامهون آهي.

**جيون جهانڪي**

شري نامديو تاراچنداڻيءَ جو جنم 25 نومبر 1946ع ۾ لقمان-خيرپور، سنڌ ۾ ٿيو. هن جي جنم سان ئي ترت ورهاڱو ٿيو. هن جا وڏا سنڌ اڇا چڏي پارت آيا. پهرين ڪجهه وقت ڪُتيانا ۾ رهي، بعد ۾ دائمي طور پاونگر ۾ اچي ٿائينڪا ٿيا ۽ هاڻي هن جو ڪُٽنب ٻڙودا ۾ رهي ٿو.

پڙهائي جي لحاظ کان هن پهريون درجو ٻڙودا ناناڻي رهي پاس ڪيو. ست درجا سنڌي ماڌيم سان پاونگر ۾ پڙهيا. بعد ۾ گجراتيءَ ماڌيم سان جهوني مئٽرڪ پاس ڪري ڪجهه عرصو انجنيئرنگ جو اپياس ڪري، ايم. اي. هنديءَ سان ڪئي. هن وقت نامديو سنڌي، گجراتي، هندي، انگريزي پاشائن جو ماهر آهي ۽ هنن پاشائن ۾ عمدو، معياري، جهجهو ساهتيه رچيندو رهي ٿو. نامديو يونيورسٽي سرٽيفڪيٽ اِن جرنالزم

(فرسٽ ڪلاس) ۾ پاس ڪيل آهي.

شري تاراچنداڻيءَ ايم. اي. ڪانپوءِ ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ چاهي. هن وشيہ 'استيتواد ۽ نئين هندي ڪوتا'' جي چونڊ ڪري داخلا حاصل ڪري، ڪوچ، اپياس ڪرڻ ۾ جنبي ويو. ڪوجناتمڪ وڏي مقالي جو اسي سيڪڙو ڪن ڪم بہ پورو ڪيو جو اچانڪ ڊاڪٽر سدرشن مجنيا نامديو کي ڄاڻايو تہ ڪاليج ۾ هندي پروفيسر جي جڳهہ خالي آهي، تون درخواست ڪر ۽ هن کي ڪاپڙيا مهلا ڪاليج ۾ پروفيسر طور نوڪري حاصل ٿي. هن پنهنجا فرض بخوبي نڀائڻ لاءِ پي.ايچ.ڊي. جي ڪاريہ کي بنهہ وساري ڇڏيو. جو هن جو عقيدو ۽ عمل پئي رهيو آهي تہ فرض سان وفاداري، فرض ادائگي ئي وڏي ۾ وڏو ۽ سچو دان آهي ۽ وديا دان ڪندي هن ڪاليج مان هندي ڀاشا جي هيڊ ۽ هڪ آدرشوادي لوڪپريہ، لاڏلي پروفيسر طور رٽائر ڪيو.

پل اچ نامديو جي نالي اڳيان ڊاڪٽر صفت جڙيل نہ آهي پر ادب ۾ ڊاڪٽروريٽ ڪندڙ گهڻن ڊاڪٽرن کان هن جو ادب ۾، هڪ اعليٰ ڪوجنيڪ-محقق کان مقام ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ آهي.

رٽائر ٿيڻ بعد هو ادب تہ رچيندو رهي ٿو پر گڏوگڏ ڪٽنبي جوابداريون بخوبي نڀائيندي پٽن-ننهرن جو ڀانهن ڀيلي بہ آهي. اُهي اوچ تعليم يافت، آدرشوادي ۽ آءِ.ٽي جا ماهر آهن. هنن جو ڪاروبار ۽ ناماچار وديشن تائين ڦهليل آهي.

**پيشو :** ناول نويس، ڪوي، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، هدايتڪار، سمپادڪ، آلوچڪ.

**چاهہ جو وشيہ :** چنتن-منن، سارتر، ٻڌ، چارواڪ درشن.

**فرشٽ لو :** ڪوتا-آلوچنا.

**ادبي لاڙو :**

ستر جو ڏهاڪو ادب ۾ ماڊرن خيالن کي ڪٽي آيو. جنهن سان ڪافي اُٿل-پٿل متي. فرسٽرِيشن ۽ ڊپريشن سبب نئين ڪوتا، نئين ڪهاڻيءَ زور ورتو. جديد ائبسرڊ، نئين ادب جو زور رهيو. ادب ۾ اڪيلائپ، اُٻاڪائي،



پنهنجن ئي خيالن ۾ گم، وجود جي مسئلي وغيره ڳالهين مانيٽي شخص نامديو کي پاڻ طرف ڇڪيو، نئون رُخ، نئون سوچ ڪٽي هن شخص بہ سنڌي ادب کي نئون موڙ ڏيڻ لاءِ قلم هٿ ۾ ڪنيو. هن جي ڊاڪٽوريٽ جي وشيہ بہ هستي واد ئي هو. هن اُن جو گهرو اڀياس بہ ڪيو هو. نون ماڻن-ماپن، لاڙن سان گڏ سنويدن شيل انيو، نوان موضوع ۽ پيشڪش سان لڳاتار ادب رچيندو رهيو ۽ مقبوليت حاصل ڪندو رهيو.

جئن تہ نامديو جو پهريون پيار ڪوتا سان رهيو آهي. هن لکڻ جي شروعات بہ ڪوتا سان ڪئي هئي. هن جڏهن ڪابليوالا فلم جي گاني ''اي مير وطن-پياري وطن،تجهہ پي دل قربان'' جي ٿيُون ٻڌي کان متاثر ٿي هن سنڌيءَ ۾ ڪوتا لکي جا 1965۾ ''هندواسي'' هفتيوار ۾ شايع ٿي. هندواسي اُن زماني ۾ معياري، ڪافي لوڪپريہ، وڏيڪ سرڪيوليشن حاصل ڪندڙ ۽ وديشن ڏانهن ويندڙ هئي. هندواسيءَ ۾ رچنا شايع ٿيڻ هڪ عزت بخش درجو سمجهيو ويندو هو.

**شخصيت :** شري نامديو تاراچنداڻي لڇڻن، وهنوار، گفتگو ۾ وڻندڙ، مشاهدو ماڻيندڙ، ذهني، چهري تي هلڪڙي معصوم پر معنيٰ خيز مسڪراهٽ رکندڙ، صاف دل، وير ڀاوَ کان پري، دوستن جو دوست، مهانواز، ادبي محفلن ۽ رات جي محفلن جو مور، ادبي گڏجاڻين ۾ ماٺ-شانت نظر ايندڙ پر هن جي اِها ماٺ-خاموشي بہ سهڻي لڳندي آهي. جڏهن هو ڳالهائيندي ٺهڪ ڏيندو آهي تہ ٻڌندڙن جو ڌيان صرف پنهنجي طرف ڇڪائيندو آهي. هن جي واڻيءَ ۾ وندر جا داستان هوندا آهن. هن جي هرڪا ڪرت، هرڪا حاجت، هرڪا روايت الڳ طرح ۽ معنيٰ خيز هوندي آهي. هن جي لفظن ۾ گهرو سوچ، چنتن لياڪا پائيندو نظر ايندو آهي. هن حساس دل اديب جي ڳالهايل-لکيل لفظ رمز سان ڀريل هوندا آهن. لفظيءَ ر اند سان گڏ اُن ۾ ويچارن جي گهرائي بہ ڀرپور هوندي آهي. نامديو هڪ چست فنڪار آهي.

**ادبي پونجي :**

(سنڌيءَ ۾) جوڙ ڪٽ- ننڍو ناول 1974، وکون - ڪهاڻيون 1981، اڻون سر-ڪوتائون 1984، سنڌي ڪٿا ساهتيہ-تنقيد 2004، آس پاس کان آرپار - هڪ سيرئيل انٽرويو پروفيسر هريش واسواڻيءَ کان 2010، سچ چوڻ جي چوٽ - آلوچنائون 2011، منش نگريِ-ڪويتائون 2011.

انيڪ ساهتيڪ مخزن، رسالن ۾ نيمائتو ڪهاڻيون، مضمون، ڪوتائون، مقالا، ليک، تبصرا شايع ٿيندڙ.

راشٽريہ، انترراشٽريہ ادبي سيمينارن ۾ سؤ کان مٿي گوناگون وشين تي مقالا ۽ مقالن تي تبصرا پيش ڪيل. ادبي انٽرويو ورتل، ڪجهہ ايڪانڪيِ ناٽڪ آڪاشواڻي، منچ تي پيش ٿيل ۽ شايع ٿيل.

(گجراتيءَ ۾) ’’وتا-اوچا‘‘ (ننڍو ناول) 1980، ’’پگلانِ‘‘ انوادڪ تيرٿ چانڊواڻي، ڪهاڻيون، ’’اڻون سُر‘‘، ڪوتائون، انوادڪ ڊاڪٽر جئہ ڪرجوشي 2002.

اِن ڪانسواءِ گجراتي معياري ادبي مخزنن ۾ اپياسي، تحقيقي مقالا شايع ٿيل جن ۾ خاص آهن : ’’سنڌي ڪوتا 500 ورش 500 ڪوي‘‘، مانوَ وديائون نو موليانڪن-ايڪ چنتا، قومي رمڪاڙو نو منووگيانڪ اپياس، سنڌي گرنٿ، سرشٽي - پروفيسر هريش واسواڻيءَ آلوچنا ڪتاب84-40، گوبند مالهي ناول ’’پريم ني پياس‘‘ ٻئي ساهتيہ اڪادمي انعام حاصل ڪتاب.

ڪهاڻين ۾ مکيہ آهن : ڦگامان بند نئون تاجمحل، ناٽڪ سنڌو تارو پريم وغيره.

(هنديءَ ۾) مقالا : سنڌي ساهتيہ ڪي پچاس سال، سنڌي ڪوتا اور مانوتاواد، سنڌي ساهتيہ ڪي چار دشڪ، وپا جنوتري سنڌي ساهتيہ ايڪ سرويڪشڻ.

ڪهاڻيون : مُجهي نيند هئہ، گباري ۾ بند نيا تاجمحل، برف ڪا پگهلنا وغيره انيڪ ڪوتائون.

اُڙدوءَ ۾ ’’فرق‘‘ ڪهاڻي، ڪجهہ ڪوتائون، پنجابيءَ ۾ ڪوتائون.



**سمپادن :** نامديو پروفيسر هريش واسواڻيءَ جو ’’40-84‘‘ آلوچنائن جو ڪتاب سمپادن 1984 ۾ ڪيو جنهن کي 1987 ۾ مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جو انعام حاصل ٿيو.

**انٽرويو :** اندر پوچواڻي، گوبند مالهي، هريش واسواڻي، اندران واسواڻي. ’’لعل پشپ هڪ اپياس‘‘ 2000 ۾ شايع ڪيو.

’’ساهمي‘ سنڌيءَ ۾ پهرين ۽ اڪيلي آلوچنا جي مخزن - جيڪا ٻہ سال کن هلي.

**انعام - سنمان :** نامديو ڪڏهن ٻہ انعامن کي ڌيان ۾ رکي قلم نہ هلايو آهي. هو انعام کي ادب جو معيار نہ سمجهندو آهي پر هن جي تخليق جو قدر ڪري اِدارن هن کي انعامن سان نوازيو آهي. يا ائين ڪٿي چئجي تہ انعام اُڏامي اچي هن جي جهول ۾ پيا آهن جن ۾ ڪجهہ ذڪر لائق آهن. مرڪزي حڪومت ڀارت سرڪار جو گجراتي ڪتاب ’’وتا اوچا‘‘ تي 1975-76 تي تعليمي ڪاتي طرفان انعام ’’اڻون سر‘‘ تي سي. ايچ.ڊي. جو 1984-85 ۾ انعام اِن ئي ڪتاب تي آرميڪ طرفان ٻيون انعام.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي-ساهت سڀا جئپور طرفان ’’ساهتڪ اوارڊ‘‘، سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ گجرات راجيہ طرفان ساهتيہ گؤرو پرسڪار روپيہ هڪ لک جو ۽ تازو ئي مرڪزي ساهت اڪادمي نيو دهليءَ طرفان ’’منش نگري‘‘ ڪتاب تي ساهتيہ اڪادمي انعام ۽ اُن ڪانسواءِ ادبي تعليمي سنسٿائن طرفان جدا جدا انعام-سنمان. نامديو جون رچنائون درسي ڪتابن جي سونهن پڻ بڻيون آهن. اڻون سر ايم. اي. گجرات يونيورسٽيءَ ۾ رکيل هو.

سنسٿائن سان جُڙاوَ :

وقت بہ وقت نامديو انيڪ ساهتڪ، سپيتڪ تعليمي، سنسٿائن سان جڙيل رهيو آهي، غور طلب آهن:

- بورڊ آف اسٽڊيز - ڀاونگر يونيورسٽي - ميمبر
- بورڊ آف اسٽڊيز - سنڌي گجرات يونيورسٽي - ميمبر
- بورڊ آف ڪلچرل ائڪٽيوٽيز - ڀاونگر يونيورسٽي - ميمبر.

- گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي، ميمبر.
- سنڌي صلاحڪار بورڊ، مرڪزي ساهتيہ اڪادمي، ميمبر.
- سنڌي صلاحڪار بورڊ ڀارتيہ گيان پيٺ، نيو دهلي، ميمبر وغيره.

**نئشنل ائنٿالاجين ۾ حصيداري**

ننڍيون ڪهاڻيون،ڪوتائون، آلوچنائون وغيره نئشنل ائنٿاليز ۾ شايع ٿيل سنڌي، هندي، گجر اتي ڀاشائن ۾ ڀارتيہ گيان پيٺ ۾ پڻ.

**انواد :** هن جون انيڪ ڪوتائون، ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪجهہ ناٽڪ هندي، گجراتي، اڙدو، پنجابيءَ جي معياري ادبي مخزن ۾ وقت بہ وقت شايع ٿيندا پئي رهيا آهن.

**مسافري :** نامديو هڪ سئلاني پڻ آهي. جنهن بہ نئين شهر ويندو آهي اُتان جي مشهور، تواريخي هنڌن جي ملاقات ضرور وٺندو آهي. ڀارت ۾ هو گهڻو گهميو آهي. اُن ڪانسواءِ ٿائيلنڊ، سينگاپور، نيپال جي پڻ ملاقات ورتي آهي. سنڌ جي زيارت ڪرڻ جي اڇا رکي ٿو. ريڊيو - دوردرشن احمدآباد تان 1972 کان وٺي نيمائتنو رچنائون ناٽڪ، ڳالهہ ٻولهہ، بوڪ رويو پرسارت ٿيندڙ.

شري نامديو جي تخليق تي نظر ور ائجي ٿي تہ نظر ٿو اچي تہ جئن-جئن هن جا سنڌيءَ ۾ ڪتاب شايع ٿيا آهن ترت اُهي گجراتي ادب جو حصو پڻ رهيا آهن. سنڌي ذهني پانڪن سان گڏ هندي، گجراتي، انگريزي پانڪن پڻ هن جي ادب جي آجيان ڪئي آهي.

هتي اِهو بہ واجب ڪرڻ ضروري ٿو لڳي تہ نامديو جو ننڍو ناول ''وتا-اوڇا'' اڃان شايع نہ ٿيو هو اُن کان اڳ گجراتي - هنديءَ جي برک ودوان ڊاڪٽر پولاپائي پٽيل اُن جو دستخط پڙهيو هو. سار اهيو هو ۽ شايع ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هو.

**غور طلب ادبي ڪاوشون**

سنڌي ادبي جڳت ۾ نامديو ڪوي، ڪهاڻيڪار، مقالانگار، وغيره طور مڃتا حاصل آهي. پر هن جو ناٽڪ نويس، ناٽڪ ڪار طور پڻ هڪ اهم رول



رهيو آهي. هن سنڌي، هندي، گجراتيءَ ۾ ناٽڪ جوڙيا آهن. منچ تي کيڏيا آهن. هدايتڪاري ۽ اداڪاري بہ ڪئي آهي. هن جا ايڪانڪي ناٽڪ صرف استري ڪلاڪارن وارا، پرش ڪلاڪارن جا رهيا آهن. جو نامديو مهلا ڪاليج جو اڌياپڪ رهيو آهي. نامديو شدت سان اهو بہ محسوس ڪيو آهي تہ جئن بادل سرڪار پهرين اداڪار ڪٽي ناٽڪ کيڏندو (امپرووائيز) آهي بعد ۾ ئي اُن کي قلم بند ڪيو ويندو آهي. طريقو هڪ صحيح ۽ بهترين آهن. نامديو جا گهڻا ناٽڪ، پهرين منچ تي چڪا آهن. بعد ۾ اُهي قلم بند ڪيا ويا آهن.

نامديو برج موهن جو ''پڇ'' ناٽڪ هنديءَ ۾ آٽي منچ تي پيش ڪيو. ساڳيو ناٽڪ پنهنجي هدايتڪاريءَ ۾ سنڌيءَ ۾ سنت ڪنوررام هاءِ اسڪول ۽ هنديءَ ۾ مهلا ڪاليج ۾ چٽاپيٽيءَ ۾ پيش ڪري انعام حاصل ڪيو. هن ئي ناٽڪ ۾ ڊاڪٽر ونود جوشي ۽ پرت جوشيءَ اداڪاري ڪري ضلع پئنچايت ۾، شانتي لال شاهہ ڪاليج يونيورسٽي يووڪ مهااُتسو ۾ پيش ٿي، پهريون انعام حاصل ڪري ويسٽ زون ۾ پروفيسر اندوپائي گوهيل ڪٽي ويو.

''چؤراهو'' گجراتيءَ ۾ ليڪڪ سدرشن مجينيا، هدايتڪاري شري ونود جوشي 1984 ۾ منچ ٿيو. نامديو سوتر ڌار جو ڪردار نڀايو.

سنڌي ڊراما ورڪشاپ جو ناٽڪ ''جلوس'' پاونگر ۾ پيش ڪيو.

هن جي ''چٽي'' ناٽڪ سنڌي-گجراتيءَ ۾ ماڻس بچارو (گجراتيءَ ۾) آنتڪواد تي طنزي ناٽڪ ''يٿا پرجا يٿا راجا'' هنديءَ ۾، ٻيا ناٽڪ ''ٽيڦ هنر گول مالڪر'' سياسي طنز، جب هم آزاد ٿي، مسٽر گؤتم ٻڌ، چل جنبور ا قٿاقت، ايڪانڪي ناٽڪن سان گڏ من ڪاميت، ماڊلنگ شوٽنگ، گڏي کي شوپا ياترا، اهنسڪ بندوق وغيره مونو ائڪٽنگ، ايڪ پاتري قلم بند ڪيا ۽ منچ تي آندا.

اِن ڪانسواءِ سنڌو تارو پريم، شرط، نئين پرڀات، آ ناٽڪ نٿي، ڀڳوان سي ملاقات، لوڪ شون تهشي، ماڻس اڪيلو، ٻارن جي عدالت، شهنائي،

تراڙ، پرٿم رات، سڳائي، قربانيءَ جا پتلا وغيره ريڊيو منچ تي آيل آهن. ڪي اشاعت به ٿيل آهن جدا جدا رسالن ۾ سنڌي گجر اتيءَ ۽ هنديءَ ۾.

”نئين پريات“ ناٽڪ کي قومي سطح جو انعام حاصل آهي. ”ٻارن جي عدالت“ آديپور ۾ پڻ پيش ٿيل آهي.

نامديو پاونگر ۾ ناٽڪ ورڪشاپ جو آيوجن ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي رهبريءَ ۾ ڪيو. هن موقعي تي شري ر اجيندر يادوَ ۽ NSD جي پروفيسر منو پنڊاري حاضر رهيا. نامديو ڊاڪٽر ونود جوشيءَ جو ناٽڪ ”اڪسمات“، ٽيلي فلم، ”سرسوتي چندر“ ونود اڏوريو جو هندي ناٽڪ ”تئموري ڪي هار“ جينتي دلال جو ناٽڪ ”سويه نونُ ناڪو“ سنڌيءَ ۾ انواد ڪيا. پاڻ هدايتڪار، ڪلاڪار طور جڙيل رهيو. هن ناٽڪ ۾ هڪ عجيب اتفاق ٿيو. ناٽڪ جو درشيه لائيٽ بند ڪري بدلايا پئي ويا. هڪ نظاري ۾ لائيٽ بند نه ٿي. تڏهن ڪجهه هٽرادو، نقلي ڊائلاگ جيڪي ناٽڪ جو حصو نه هئا چوڻا پيا. نوان ڊائلاگ اِشاري طور ڪم آيا ۽ لائيٽ نه بند ڪري درشيه بدلايو ويو.

نامديو جا ڪجهه ناٽڪ ناٽڪي مخزن ”استيج“ ۾ پڻ شايع ٿي چڪا آهن. نامديو ناٽڪي جيو آهي. گجراتيءَ ۾ برڪ ناٽڪ ڪارن سان گڏ ڪم ڪري عزت حاصل ڪري پيارو بڻيو آهي.

پروفيسر نامديو تاراچنداڻي سنڌيءَ جو عالمي سطح جو نقاد آهي. انيڪ مفڪرن، ودوانن سروَ شري موهن ڪلپنا، آنند کيماڻي، هريش واسواڻي، لڪمي کلاڻي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، لعل پشپ، ارجن حاسد وغيره اِن ڳالهه تي منظوريءَ جي مُهر لڳائي آهي. ر ايا ۽ سهمتيون ڪتاب ”سنڌي ڪٿا ساهتيه“ ۾ درج ٿيل آهن. سنڌي مخزنن، رسالن سان گڏ مقالا نويسن به اِن ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي.

ائين ته اديبن، تنقيد ۽ تنقيدي ادب جا معيار مقرر ڪيا آهن. ادب ۾ تنقيد کي هن جو درجو به حاصل آهي. سنڌي ادب ۾ عام طور تنقيد جا به قسم نظر اچن ٿا. هڪ ڪنهن به ادبي ڪتاب جي سچي-پچي عظمت



تائين پهچڻ جي ڪوشش، تخليق بابت راءِ ۽ ٻيو اِشتهاري تنقيد وارو نظريو جنهن ۾ گهري نظر وڌل نه هوندي آهي. واقعا، گهٽنائون، صرف دهرايل هونديون آهن. ڪوبه ر ايو شامل نه هوندو آهي نقاد خوشامندي هوندا آهن ڪنهن کي به ناراض ڪرڻ نه چاهيندا آهن.

شري نامديو پهرين قسم ۾ شامل آهي. پنهنجي اڀياس، ڄاڻ، معلومات، مطالعي ڪرڻ جي پنهنجي ڍنگ ذريعي صحيح، تز، سهڻا خيال پيش ڪندڙ آهي. جيڪا ئي صحيح معنيٰ ۾ تنقيد آهي ”سچ چوڻ جي چوٽ“ ڪتاب اِن حقيقت جي پٺڀر ائي ڪري ٿو. ”سچ چوڻ جي چوٽ“ ۾ نامديو جا 16 ليک شامل آهن. جيڪي 1996 کان سال 2000 تائين رچنا 72 کان رچنا 85 تائين جي انڪن ۾ ڪالم ”مخزن رويو“ طور لکيا ويا. اُهي رچنا مخزن جي سونهن، سينگار سان گڏ آلوچنا جي ڪيتر ۾ اُتساهه پئدا ڪندڙ به هئا.

نامديو جو هيءُ ڪالم ڪافي لوڪپريه رهيو. پانڪ سڀ کان پهرين اِهو پڙهندا هئا. نهايت ئي گهرو، طنزي، اڀياسي، ڪالم رهيو. طنزي لفظن سان پرپور هن ڪالم ڪن کي ڏڪويو، ڪنڊن جيان چيڀ به لڳو ۽ رهنڊون به پاتيون.

نامديو تنقيد کي ڪوڙي بادامي سڏيو آهي. هن جو قوُل آهي ته ”آلوچنا لاءِ ٽن ڳالهين ڏانهن ڌيان ڇڪجي ٿو. رايو ڏيڻ جو حق، رايو ٻيا ٻڌن ۽ رايو ٻيا قبول ڪن. اِن لاءِ پڻ وري ٽي ڳالهيون ضروري آهن. اڀياس، اظهار جي ڪلا ۽ وويڪ.“ نامديو وويڪ کي ئي آلوچنا جو ٿرماميٽر سڏي ٿو. ڊپ، لوڀ ۽ اڻ ڄاڻائي سچ چوڻ جا دشمن آهن. نامديو جي آلوچنا سچ آڏارت ۽ وويڪ سان پرپور آهي. هن جي آلوچنا ۾ گلاب جي خوشبوءِ کان وڌيڪ ڇيندڙ ڪنڊا هوندا آهن.

ماهر نقادن علم جي ذخيري کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي. 1. تخليقي ادب وارو مواد، شاعريءَ ۽ نثر جون سڀ صنفون. 2. تحقيقي ادب جنهن ۾ تنقيدي مقالا، مضمون شامل آهن. 3. تنقيدي ادب جنهن ۾ ادبي اصولن

جو بيان، علم ادب جي ڌار ڌار صنفن جي ادبي چنڊ ڇاڻ شامل آهي.

شري نامديو هن مهل تائين جيڪي به جدا جدا وشين تي مقالا، مضمون، ليک، تبصرا قلم بند ڪيا آهن. اُنهن ۾ ٽيئي حصا شامل آهن. نامديو جا سؤ کان وڌيڪ مقالا، مضمون آهن جنهن جي ورهاست، ترتيب پاڻ ڏيئي ”سنڌي ڪٿا ساهتيه“ ۾ شايع ڪئي آهي. نامديو جي اِن ڪم نامديو جي ادب جو اڀياس - مطالعو ڪرڻ لاءِ سهوليت ميسر ڪري ڇڏي آهي. تفصيل سي به وري ورهاست ڪيل هڪ ئي هنڌ موجوده آهن جيڪي خود نامديو جي تنقيد جي وشالتا ۽ سگهه ظاهر ڪن ٿا.

نامديو تاراچنداڻيءَ جي آلوچنا ساهتيه جي ورهاست آهي :

ادبي سيمينارن لاءِ لکيل پيپر - مقالا، اڀياس ليک، آلوچنائون، بوڪ رويو، مُهاڳ، مضمونن ۽ جنرل، ساهتيه ڪارن جا انٽرويو، مخزن رويو وغيره.

جنهن ۾ مقالا-پيپر، آلوچنائون ۽ بوڪ رويو جهجهي انداز ۾ آهن.

هڪ ڳالهه ٻي به ثابت ٿي بيهي ٿي ته نامديو بزرگ، برک اديبن سان گڏ نون ساهتيڪارن کي پڻ پنهنجي دائري ۾ شامل ڪيو آهي. ڪوتا جا ڪتاب هن جي تنقيد ۾ وڌيڪ رهيا آهن. ناٽڪن جي ڪتابن کي در ڪنار ڪيو ويو آهي.

اِنساني زندگيءَ سان لاڳو جيترا فڪر ۽ نظريا آهن اُنهن مان گهڻا نامديو جي تنقيد ۾ حاضر ملن ٿا جيڪي ادب ۽ زندگيءَ کي سمجهڻ سان گڏ ادبي جماليات جو احساس به ڏيارين ٿا. نامديو وٽ نقاد جو علم، نظر جي وسعت، وسيع ڇاڻ، حقيقت شناس هجڻ جي خوبي آهي. هن جي سوچ ۾ مذاق - طنز بيان ۾ نرمي، سهڻائي، راءِ وزنائتي ۽ مناسب لفظن ۾ ٿيل هوندي آهي. ايمانداريءَ، سچائيءَ، فن ۽ فڪر سان ڀرپور آهي. چوندا آهن ”سچ مر چان - ڪوڙ ڳڙ“، سچ ڪوڙو ٿيندو آهي. چڙ ڏياريندو آهي. نامديو جي سچ چوڻ جي چوٽ ڪن کي ناراض ڪيو آهي اِهو سڀاويڪ آهي.

خود نامديو چواڻي ”ٽيهن سالن ۾ سؤ کان وڌيڪ ليکن ۾ ڪڏهن-ڪڏهن



ست-ڪُٽ جا ٻه چار بال واپس به اچي لڳا آهن. البت مون بچاءَ نه ڪيو آهي. ڪڏهن من ۾ ڪنفيس به ڪيو آهي. پر پاڻ مرادو ٻين اوس بچاءُ ڪيو آهي ۽ وقت ويندي هُنن وٽان هلڪي مشق ملندي رهندي آهي.“
(’سنڌي ڪٿا ساهتيه‘ ڪجهه پيومڪا طور ص 5 سال 2004)

جڏهن نامديو کان روبرو سوال پڇيو ويو ته، ”هيترو آلوچنا ساهتيه، ادبي ذخيرو توهان وٽ ميسر ٿيل آهي ته پوءِ توهانجي شايع ٿيل ڪتابن جو انداز گهٽ ڇو آهي؟“ ڪلندي-ٽاريندي آکائين ”جيڪي فهرست ۾ - کان مٿي وشيه شامل آهن اُهي سڀ منهنجا ڪتاب ئي ته آهن.“

اهو به سچ آهي ته اسان وٽ ڪيترائي اديب، ڪوڙي تنقيد کي پسند ڪونه ڪندا آهن. نقادن ۾ نفرت جو جذبو گهڻو هوندو آهي. ائين به چيو ويندو آهي ته سنڌيءَ ۾ تنقيد آهي ئي ڪونه پر نامديو سان اِها ڳالهه لاڳو نه آهي. هو تنقيد ڪندو رهي ٿو.

نامديو جي آلوچنا جو ڪالپنڪ تنقيد جو ڪرشمو آهي. سنڌيءَ جو پهريون آنچلڪ اُپنياس ”چوليون“ 1974، ليکڪ نرمل ماکيجا ص 116 ۽ قيمت روپيه اٺ. ناول جو نالو، اديب، مواد سڀ نامديو جي ڪلپنا جي پئداش آهي. ناول ۽ اُن تي تنقيد جيڪا اصلي پاسي ٿي محض ڪلپنا آڌارت آهي. سنڌيت، سنڌ جي ثقافت، جي نمائيندگي ڪندڙ آهي. ناول هڪ سنڌي بستيءَ ۾ رهندڙ سنڌي ڪٽنب اُن جي آس پاس جي ماحول آڌارت آهي. نامديو جڏهن به ڪنهن به وشيه تي مقالو لکندو آهي تڏهن مقالي جي وشيه کي ڏاڪن ۾ ورهائي، ضروري تفصيلن، وصفن، بنا ڪنهن اُپٽار ڦهلاءُ، بنا ڪنهن محظ فهرست جي وقت جي پابنديءَ کي ڌيان ۾ رکي اڀياس، راءِ، تاثراتن سميت پيش ڪندو آهي، نامديو جي هڪ ٻي به خوبي آهي ته جنهن به ڪتاب تي آلوچنا ڪندو آهي. اُن لاءِ هڪ عنوان طيءِ ڪندو آهي ۽ اُن عنوان سان بخوبي نڀائيندو آهي. اڪثر ڪا ڪٿا، ڪاڻي، درشٽانت يا چرچو پيش ڪري اڳتي وڌندو آهي. اُهي وشيه سان ٺهڪندڙ مذاقي يا طنزي هوندا آهن.

مثلن سرجيل آتم-انڀو ۽ ڪهاڻيءَ جو رشتو - ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي ڪهاڻين جي مجموعي ”رشتو“ لاءِ. ”سنڌي ناول جو تاج (محل)“ پرم ابيچنداڻيءَ جي ناول ”ڪايا پلٽ“ لاءِ ”اڪيلائپ جي آئيني ۾ اندر جا اولڙا“ - ڪرشن کٽواڻيءَ جي ناول ”ست ڏينهن“ لاءِ، نئين چيتنا جي ڪور اسٽوري - آنند کيماڻيءَ جي ”انتر ياترا“ ناول لاءِ، تخليقيءَ ڪرشمو، لڇمڻ ڀاٽيا جي آتم ڪٿا ”وهي کاتي جا پنا“ لاءِ وغيره وغيره.

آتم ڪٿا لاءِ نامديو جو چوڻ آهي ته ”آتم ڪٿا وويڪ سان لکڻ جي چيز آهي. جيوني نهنائيءَ سان آتم ڪٿا تخليق آهي جنهن ۾ سرجناتمڪ شڪتي سمايل آهي. جيوني لکڻ اوندهه ۾ ٽارچ کڻي پهاڙ چڙهڻ جهڙو خُشڪ ڪم آهي.“

نامديو ساهتيڪارن جا انٽرويو به ورتا آهن گوبند مالهيءَ جو ”هير“ لاءِ، اندر پوڄواڻيءَ جو ”رچنا“ 1996 لاءِ هريش واسواڻي، اندرا واسواڻيءَ کان ”ڪونج“ لاءِ، رچنا لاءِ اندر پوڄواڻيءَ کان انٽرويو وٺڻ هو بانٽوا خاص ڪهي ويو هو.

نامديو انٽرويو کي ساهتيه کان وڌيڪ اخبارنويسيءَ جي ويجهو سمجهي ٿو. يونيورسٽي سرٽيفڪيٽ اِن جرنالزم جو اپياس ڪندي گجراتيءَ جي وڏين اخبارن سنديش، گجرات سماچار، جنستا وغيره جي سمپادڪن سان هن مڪا ميلو ڪيو هو ۽ اخبارنويسيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪئي هئي. پر هريش واسواڻيءَ سان هڪ مڪا ميلو ”آس پاس کان آرپار“ هڪ سيريل انٽرويو هڪ ئي بئٺڪ ۾ ورتل انٽرويو سنڌ-هند ۾ هڪ طويل انٽرويو هڪ يگانوادبي ڪرشمو آهي. جيڪو 1985 کان 1989 تائين قسطن ۾ ”ڪونج“ ۾ شايع ٿيندو رهيو. اُن جو سمپادن لي آئوٽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش 2010 ۾ ڪتابي صورت ۾ سنڌي ٽائيمس پاران شايع ڪيو آهي. هيءُ هڪ تواريخي، انوکو تجربو ته آهي ئي پر ليکڪ-مفڪر جي ويچارن جو زلزلو به سڏيو ويو آهي. هيءُ انٽرويو 85-7-27 ۾ ڪنڊلا پورٽ جي افڪوگيسٽ هائوس ۾ پرپور ايڪانت ۾ ٽيپ ڪيو ويو. بعد ۾ رڪارڊ ٿيل لفظن کي پنن تي



اُتاري شايع ڪيو ويو. مشيني رڪارڊ ٿيل لفظ اُتارڻ پنهنجي ليکي اڻ ڪانيو ڪم آهي. جيڪو نامديو سچائي، ايمانداري، لگن سان ڪيو آهي. انٽرويو ۾ پڇيل سوال ڪافي مختصر ۽ تز آهن. پروفيسر هريش واسواڻيءَ جواب تفصيلي دائري اندر ڏنا آهن. فوڪس ۾ صرف هريش واسواڻي آهي نامديو پاڻ کي ڪٽي به مرڪز - فوڪس ۾ نه رکيو آهي. نه ئي پاڻ کي اظهاريو آهي. پڇيل سوال هن جي ووڏتا جو عمدو مثال آهن. پڇيل سوالن جي جوابن مان سوال اُپرندا رهن ٿا. سوال نامديو جي ذهني هجڻ، وسيه ڄاڻ، ۽ پڇڻ جي انوکي ڏانو جي شاهدي ۽ ساک ڀرين ٿا. پروفيسر هريش جيڪي ڪجهه لکيو آهي، چيو آهي، ويچار پيش ڪيا آهن. پڇيل سوالن جا وقت به وقت جواب ڏنا آهن اُنهن کي آذار بڻائي هرهڪ ڳالهه مدي کي واضع ڪيو ويو آهي. ڪنهن به اُپٽار، ڦهلاءَ جي گنجائش نه آهي. مڪاميلي ۾ ڌرم، ايشور، مذهبي، ڌارمڪ جنون ڪري ٿيندڙ فساد، سنڌي ٻولي، جاتيءَ بابت، وطن جي وصف سنڌيت جي حوالي ۾، آتم هتيا، فلاسافي، دوست، دشمن، ڪوتا بابت چند ڄاڻ، ڳارين ۾ ڪوتا، هريش جي ڪالم ”ڏارا“ ۽ ”لئباريٽري ٽيسٽ“ ۾ هريش جن به اديبن جي ڪتابن جي رچنائن بابت ڪيل چنڊڇاڻ، دلگير-دڪايل جي شاعر-ڪوي هجڻ بابت، سنڌي ڪهاڻي، آلوچنا، انواد، چنتن، وڪتا، نقادن، مهاڪاويه بابت جهڙا انيڪ پهلو ڇهيل آهن. هن انٽرويو ادبي کيتر ۾ ڪافي هلچل مچائي هئي.

نامديو چواڻي، ” هيءُ ويچارن جي ڏي-وٺ جو سلسلو نه آهي. هن فوڪس ۾ فقط هريش آهي، هن جا ويچار آهن. اِن ڪري هت ڪوبه اينڪائونٽر ٿيڻو نه هو، پوءِ به اهو هلچل پئدا ڪري ٿو.“ هن ڪتاب ۾ اندران واسواڻيءَ سان گفتگو ۽ نامديو جا انگريزيءَ ۾ لکيل

‘‘Harish Vaswani Portrait of the thinker as a writer’’

به درج ٿيل آهي. هن انٽرويو کي نون حصن ۾ ڪلا سيفائيڊ ڪيو ويو آهي. هن جا عنوان نامديو جي سوچ ۽ انٽرويو جي ڪٿ جا شاهد آهن.

انٽرويو وٺڻ جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو به تجربو ٿيل آهي. آڪاشواڻي پڇ طرفان، پرڀو درشن هال ۾ پروفيسر هريش واسواڻيءَ ۽ پروفيسر نامديو تاراچنداڻيءَ، پروفيسر هري درياڻي ''دلگير'' کان عوام جي حاضريءَ ۾ لائيو انٽرويو ورتو هو.

نامديو تاراچنداڻيءَ کي هريش واسواڻيءَ جو سنڌي ادب مان الوپ/ خاموش ٿيڻ ناگوار ته آهي - ڏک به آهي.

نامديو جو اڀياس وشيه چنتن - منٽن، سارتر، ٻڌ، چارواڪ درشن رهيو آهي. هن ٻڌ جي آستانن جي ملاقات به ورتي آهي. نامديو انسان جڳسيا جي هڪ لنبي ڪوتا به ''منش نگري'' رچي آهي. دستخط تيار ڪيو آهي. (2011 ۾ ڪتاب شايع ٿيو آهي) جنهن ۾ ويدانت، گيتا، مهاوير، ٻڌ، چارواڪ، ڪبير، سارتر ۽ اوشو جي فلاسافيءَ جا نقطا شامل ڪيل آهن. ٻڌ، چارواڪ ۽ ڪبير هن جي گهري اڀياس جا وشيه رهيا آهن.

نامديو جي مُڪت چنتن جا مثالي ليک آهن، ''موڊ هڪ من-اسٿتي''، ''اڪيلو ڪلڻ ڇا گناهه آهي؟'' وغيره

''فيانسي'' ڪهاڻيءَ ۾ ڄاڻائي ٿو ته، ''سماج جو ڪوبه شاستر اڻ پورو آهي ۽ ڪٽنب اسان ۾ پيدا ٿيل هڪ عادت آهي.'' ڪهاڻي ''مرتيو اُتسوَ'' ۾ هن مؤت بابت ڪوٽيشن ڏنا آهن ۽ مؤت کي دکدائي روپ نه پر اُتسو روپ سڏيو آهي. چست بيانيءَ سان مؤت کي دلچسپ بڻايو آهي.

سار:

نامديو نشناوان آهي. جيڪو واعدو ڪندو آهي اُهو پورو ڪندو آهي. ڪنهن به ڳالهه جو ڪليم-دعويٰ، گهر، حاصل ڪرڻ جي ڪوشش جائز / ناجائز اصل ڪونه ڪندو آهي. هر وشيه جو وشليشڻ ڪندو آهي، گهڻا لفظ جوڙي به وٺندو آهي. هن نئين احساس داريءَ جو چارٽ به تيار ڪيو آهي جنهن ۾ ليکڪ جا آزمودا، ليکڪ ۾ رهيل ڪلا شڪتي احساس ۾ تبديل ٿيندڙ، ساهتيه رچنا-سرجن، احساس داريءَ جو حوالو ڏيندي ڏيکاريو آهي ته Sense+Ability احساس جي تبديل انڀوَ مان ليکڪ طرف، ليکڪ کان



ساهتيه طرف، ساهتيه کان پاٺڪ طرف ۽ پاٺڪ جي احساس جو ليکڪ جي انڀو طرف پهچڻ.

نامديو سدائين سپني کي پنهنجو دوست سمجهندو آهي ڪڏهن به پاڻ کي ماهر نه سڏائيندو آهي ۽ نه ئي وري پاڻ ٻڌائيندو آهي.

هو نواڻ طرف مڪمل مائل ٿيل آهي ڪلاسيڪل شاعرن شاهه، سچل، ساميءَ کي ڪٽي هن گهٽ لکيو آهي.

نامديو اُصولن جو پڪو آهي. عهدن جي موهه کان پري، اُصولن خاطر عهدن تان استعيفا به ڏيڻ ۾ اڳرو، وروڌ، مخالفت جي باوجود به اديبن لاءِ عزت، مان، مريادا وارو ۽ مهمانوازيءَ جو ڪوڏيو آهي. ڪهاڻي ڪلاس-ادبي ڪلاس ۾ پنهنجين رچنائن تي ڪابه رائزني-ڪامينٽ اصل نه ڪندو. هن جي ڀاشا ۾ انگريزي، هندي، گجراتي، لفظن جي ڀرمار آهي ڀاشا شڌ-تز هوندي به ڪڏهن-ڪڏهن سمجهڻ لاءِ دماغي مشقت ڪرڻي پوندي آهي. هن جون ڪيتريون ننڍيون طنزي ڪوتائون هنديءَ جي هن چوڻيءَ سان مشابهت رکن ٿيون.''

‘‘सतसई के दोहे जैसे नाव के तीर,
देखन में छोटे लगे, धाव करे गंभीर।’’

نامديو نازڪ، نامور، نام ڪنيو، نباهو، نشاوان، نشڪام، نينهن وارو، نينڊو (ادب جو اونهو سمنڊ) نقاد، نئين ادب جو باني آهي. سچ ته بينو نچ ۾ وشواس رکندڙ سنڌي ادب جا سپني سيپارا پڙهي وينو آهي. (سنڌي ادب جي هر صنف-ادب جو ڄاڻو) ۽ آخر ۾.

نامديو جي ''گونگي ٻولي'' ڪوتا هندي، انگريزي، گجراتي ۾ شايع ٿي آهي اچو ته اُن جو اظهار ڏسون :

زبان ۽ گلي جا هي زخم
هاڻ ته لاعلاج پيا لڳن...
سمنڊ ۾ رهي مگرمڇ سان دوستي ڪنداسين
هزارين رنگين اڻ ڇهيل ڪتابن جا پنا ڦاڙي

سهڻيون ٻيڙيون ٺاهيندا سين
سونهري مڇين ساڻ
مهاڻن وٽ موڪلائڻ لاءِ
ٽپڪن ۽ ليڪن ۾
پنهنجي دانهن لڪندا سين!
ٻيڙين وارا ادا مهاڻا
اُهي شلا - ليک
سمنڊ ڪناري متيءَ جي ڍير تي رکندا - ويندا
ڏيري ڏيري ڪنهن ڏينهن هڪ نئون
”جيئرن جو دڙو“ ٺهي ويندو
۽ ائين هڪ ڏينهن
منهنجي گونگي ٻولي
امر ٿي ويندي...